# الله
# سان محبت ڪرڻ وارن جا واقعا

13-July-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اللّٰه سان محبت ڪرڻ وارن جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللهِ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص مون تي درودِ پاڪ پڙهندو آهي ان جو درودِ پاڪ مون تائين پهچايو ويندو آهي ۽ مان ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندو آهيان ۽ ان کان علاوه ان شخص جي لاءِ ڏهہ (10) نيڪيون لکيون ويندو آهن.**

(المعجم الاوسط، ۱/۴۴۶، حديث: ۱۶۴۲)

بچیں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش! کثرت سے ترے محبوب پر ہر دَم دُرودِ پاک ہم مولیٰ

(وسائلِ بخشش مرمم، ص 99)

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوْاالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قربانيءَ جي عيد ۾ جان قربان ڪري ڇڏي!

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو

بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي **عشقِ رسول** سان مالا مال ڪتاب” **عاشقان رسول جون 130 حڪايتون** “ جي صفحي 126 تي آهي:

حضرت سيّدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:مان قافلي سان گڏ حج بيت **الله** جي لاءِ وڃي رهيو هئس. رستي ۾ هڪ نوجوان ڏٺو جيڪو بنا سواريءَ ۽ بنا سفر جي سامان جي پيادل هلي رهيو هو. مون ان کي سلام ڪيو،ان سلام جو جواب ڏنو، مون پڇيو: اي نوجوان! ڪٿان ڪان آيو آهين، ان جواب ڏنو: انهيءَ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ) وٽان مون چيو: ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ چيائين: انهيءَ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ) وٽ، مون چيو: سفر جو سامان ڪٿي آهي؟ چيائين: انهيءَ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ) جي ذمي آهي. مون چيو: هي ڏکو رستو بغير پاڻي جي ۽ سامان جي طئي نہ ٿيندو، تو وٽ ڪجھ آهي؟ ان چيو: جي ها مون گهران نڪرڻ وقت پنج اکرَ سفر جي سامان طور ڪٺي ڇڏيا هئا، مون چيو: اهي پنج اکرَ ڪهڙا آهن؟ ان چيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان: كٓهٰيٰعٓصٓ. مون چيو: انهن اکرن جي ڇا معنيٰ آهي؟ ان چيو: ڪاف سان ”ڪافي“ يعني ڪفايت ڪرڻ وارو، ها سان ”هادي“ يعني هدايت ڪرڻ وارو، يا جي معنيٰ پناھ ڏيڻ وارو، عين سان ”عالم“ يعني ڄاڻڻ وارو، صاد سان صادق يعني سچو تہ جنهن جو رفيق ڪافي ۽ هادي ۽ مُؤوي (يعني پناھ ڏيڻ وارو)، عالم ۽ صادق هجي اهو ڪيئن ضايع يا پريشان ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي ڪهڙي ضرورت آهي جو سفر جو سامان ۽ پاڻي کنيو وتي؟ حضرت سيّدُنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ان حاجي جو ڪلام ٻُڌي مان گهڻو متاثر ٿيس ۽ ان کي پنهنجي قميص پيش ڪئي. ان قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيائين: اي شيخ! دنيا جي قميص کان اگهاڙو رهڻ بهتر آهي ڇوتہ دنيا جي حلال شين

تي حساب آهي ۽ ان جي حرام شين تي عذاب آهي.

جڏهن رات جي اونداهي ڇانئجي وئي ته ان آسمان ڏانهن منهن ڪنيو ۽ هن طرح مُناجات ڪرڻ لڳو: اي اها پاڪ ذات! جنهن کي ٻانهن جي اطاعت سان خوشي ٿيندي آهي ۽ ٻانهن جي گناهن سان ڪو نقصان ناهي ٿيندو. مون کي اها شيء (يعني عبادت) عطا فرماءِ جنهن سان تو کي خوشي ٿيندي آهي ۽ اها شيء معاف فرماءِ جنهن سان تنهنجو ڪو نقصان ناهي ٿيندو.

جڏهن ماڻهن احرام ٻڌي ڪري لَبَّيَڪ چوڻ شروع ڪيو ته هو خاموش هو، مون چيو: تون ”لَبَّيَڪ چو نه ٿو چوين؟ ان چيو:مون کي خوف آهي ته مان چوان: لَبَّيۡک ۽ هو فرمائي: لَالَبَّيۡکَ وَلَا سَعۡدَيۡکَ وَلَا اَسۡمَعُ کَلَامَکَ وَلَااَنۡظُرُ اِلَيۡکَ يعني نه تنهنجي لَبَّيَڪ قبول آهي ۽ نه سعديڪ ۽ نه مان تنهنجي ڳالهه ٻڌان ۽ نه تنهنجي طرف ڏسان. پوءِ هو هليو ويو ته مون ان حاجي کي سڄي رستي ۾ ڪٿي نه ڏٺو. نيٺ مِنيٰ شريف ۾ نظر آيو، ان وقت هو ڪجهه عربي شعر پڙهي رهيو هو، شعر پڙهڻ کان پوءِ هو ٻاڏائي عرض گذار ٿيو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ ماڻهن قربانيون ڪري تنهنجو قُرب حاصل ڪيو ۽ مون وٽ ته ڪجهه به ناهي جنهن سان مان تنهنجو قرب حاصل ڪيان، سواءِ پنهنجي جان جي، ته پوءِ ان کي تنهنجي بارگاهه ۾ نذر ڪريان ٿو ته ان کي قبول فرماءِ، پوءِ ان هڪ رَڙ ڪئي ۽ زمين تي ڪريو ۽ ان جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. حضرت سيّدُنا مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته پوءِ اوچتو غيب مان اها صدا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي: ”هي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو پيارو آهي جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عشق جي تلوار سان قتل ٿيو آهي.“ پوءِ مون ان خوش نصيب حاجي جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو.

www.dawateislami.net

(عاشقانِ رسول کی130حکایات بحوالہ رَوضُ الرَّیاحین ص ۹۹)

محبت میں اپنی گُما یا اِلٰہی نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں پلا جام ایسا پِلا یاالٰہی
میں بے کار باتوں سے بچ کے ہمیشہ کروں تیری حمد و ثنا یاالٰہی
مرِے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے مرے غوث کا واسِطہ یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 105)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ جڏهن ٻانهو اللّٰه تعاليٰ جي محبت ۾ گم ٿي وڃي تہ اهو ٻين کان بي پرواهہ ٿي ويندو آهي، غور ڪريو تہ ان نوجوان حاجي کي اللّٰه تعاليٰ سان ڪهڙي مَحبّت هئي ۽ اللّٰه تعاليٰ جي ذات تي ان کي ڪيترو زبردست تَوڪل هو جو سفر جو ضروري سامان تائين نہ ڪنيو هو ۽ مَحبّتِ الٰهي ۾ ٻين کان بي رغبتي جو عالم هي هو تہ جڏهن حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهن کي پنهنجي قميص ڏيڻ چاهي تہ ان کي بہ وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. يقيناً مَحبّتِ الٰهي جڏهن ڪنهن کي نصيب ٿي وڃي تہ ان کي دُنيا و ما فيها (يعني دُنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي) کان بي پرواهہ ڪندي آهي. اللّٰه تعاليٰ جا محبوب ٻانها ان کان ڪيتري محبت ڪن ٿا؟ ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو!

حضرت سيدنا سعيد بن جُبَير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اهي ماڻهو جنن دنيا ۾ ڪوڙن معبودن جي عبادت ڪئي هوندي، اللّٰه تعالىٰ قيامت جي ڏينهن انهن کي فرمائيندو: پنهنجن ڪوڙن معبودن سان گڏ جهنم ۾ هليا وڃو! ته اهي جهنم ۾ نه ويندا ڇاڪاڻ ته جهنم جو عذاب دائمي (هميشه جي لاءِ) آهي. پوءِ اللّٰه تعالىٰ انهن ڪافرن جي سامهون مومنن کي فرمائيندو، جيڪڏهن توهان مون سان محبت ڪيو ٿا ته جهنم ۾ هليا وڃو! ايترو ٻڌندي ئي ايمان وارا جهنم ۾ ٽپو ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا. ايتري ۾ عرشِ الٰهي جي هيٺان کو ندا ڏيڻ وارو اها آيتِ سڳوري پڙهندو:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ (٢،البقرة،١٦٥)

**ترجموڪنزالعرفان**: ۽ اِيمان وارن کي الله جي برابر ڪنهن جي مُحبت نه آهي

(تفسير بغوي،١/٩٣ ملخصاً)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته الله تعالىٰ جي نيڪ ٻانهن کي هر شيءِ کان گهڻي مَحبّت پنهنجي رب عَزَّ وَجَلَّ سان هوندي آهي. بيان ڪيل آيت سڳوري تحت تفسير "**صِراطُ الجنان**"جلد1، صفحه 264 تي آهي: اللّٰه تعالىٰ جا مقبول ٻانها، سڀني مخلوقات کان وڌيڪ الله تعالىٰ کان مَحَبَّت ڪن ٿا . مَحبت الٰهي ۾ جيئڻ ۽ مَحبتِ الٰهي ۾ مرڻ، انهن جي زِندگي جو مَقصد هوندو آهي. پنهنجي هر خوشي تي پنهنجي رَبّعَزَّ وَجَلَّ جي رِضا کي ترجيح ڏيڻ، نرم ۽ گُداز بسترن کي ڇڏي بارگاهه نياز ۾ سر بَسجود ٿيڻ، يادِ الٰهي ۾ روئڻ، رِضاءِ الٰهي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ تڙپڻ، سياري جي ڊگهي راتين ۾ قيام ۽ گرمين جي

www.dawateislami.net

وڏن ڏينهن ۾ روزا، الله تعاليٰ جي لاءِ مَحَبَّت ڪرڻ، ان جي خاطر دُشمني رکڻ، انهيءَ جي خاطر ڪنهن کي ڪجهه ڏيڻ ۽ انهيءَ جي خاطر ڪنهن کان روڪي وٺڻ، نعمت تي شڪر، مُصيبت ۾ صبر، هر حال ۾ خُدا تي تَوڪل، پنهنجي هر مُعاملي کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ، اَحڪامِ الٰهي تي عمل جي لاءِ هر وَقت تيار رهڻ، دل کي غير جي مَحَبَّت کان پاڪ رکڻ، الله تعاليٰ جي محبوبن سان مَحَبَّت ۽ الله تعاليٰ جي دُشمنن سان نفرت ڪرڻ، الله تعاليٰ جي پيارن جو نياز مند رهڻ، الله تعاليٰ جي سڀ کان پياري رسول ۽ محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي دل ۽ جان سان محبوب رکڻ، الله تعاليٰ جي ڪلام جي تلاوت، الله تعاليٰ جي مُقرَّب بانهن کي پنهنجي دلين جي ويجهو رکڻ، انهن سان مَحَبَّت رکڻ، مَحَبَّتِ الٰهي ۾ اضافي جي لاءِ انهن جي صُحبت اختيار ڪرڻ، الله تعاليٰ جي تعظيم سمجهندي انهن جي تعظيم ڪرڻ، اهي سمورا ڪم ۽ انهن جي علاوه سوين ڪم اهڙا آهن، جيڪي مَحَبَّتِ الٰهي جا دليل به آهن ۽ ان جا تقاضا به آهن. (تفسيرِصراطُ الجنان،ص٢٦٤)

قلب میں یاد تیری بسی ہو ذکر لب پہ ترا ہر گھڑی ہو
مستی و بے خودی اور فنا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے
(وسائلِ بخشش مرمم،ص١٢٦)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته محبتِ الٰهي جا تقاضا ڪهڙا ڪهڙا

آهن، يعني جيڪڏهن ڪو شخص محبتِ الٰهي جو دعويدار آهي تہ ان جا ڏينهن رات ڪيئن گُذرڻ کپن، ان جو ڪنڌ بارگاهِ الٰهي ۾ جُهڪيل رهڻ گهرجي، ان جون اکيون يادِ الٰهي ۾ آليون رهڻ گهرجن، ان جي دل رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيقرار هئڻ گهرجي، ڏينهن روزي ۾ گُذري تہ راتون عبادت ۾ گذرن، اللّٰه تعاليٰ سان محبت ڪرڻ وارن جا انداز ڪهڙا هوندا هئا اچو ٻڌون ٿا، جيئن

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **حڪايتين اور نصيحتين**" صفحي 211 تي آهي : حضرت سيدُنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ" هڪ دفعي مان هڪ جبل تي گهمي رهيو هئس. جڏهن مان هڪ اهڙي وادي وٽان گذريس جنهن ۾ گهٽا وڻ، نباتات ۽ ميوا هئا تہ آئون اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي قدرت ۽ حُسنِ ڪاريگري جي باري ۾ غور وفڪر ڪرڻ لڳس. اوچتو مون ڪي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو جنهن منهنجا ڳوڙها ختم ڪري ڇڏيا ۽ منهنجي عشق جي باهہ ڀڙڪي پئي. پوءِ مان ان آواز جي پويان جبل جي هيٺين حصي ۾ هڪ غار جي منڍ تائين پهچي ويس. اهو ڪلام غار جي اندران ٻڌڻ ۾ پئي آيو. مان اندر ويس تہ اتي هڪ عبادت گذار شخص ڪي ڏٺو جيڪو گهٽو ئي ڪمزور هو ۽ ان تي مقبوليت جا آثار نمايان هئا، مون ان ڪي اهو چوندي ٻڌو: "پاڪ آهي اها ذات! جنهن عُشّاق جي دلين ڪي پنهنجي بارگاهہ ۾ مناجات جي ذريعي زنده ڪيو ۽ انهن ڪي روزگار جي ڳولها جي مشقت کان بي نياز ڪري ڇڏيو. هاڻي اهي صرف انهيءَ تي ڀروسو ڪن ٿا ۽ ان انهن ڪي پنهنجي محبت جي لاءِ چُوندي ورتو تہ هاڻي اهي صرف ان جا مشتاق آهن." جڏهن ان مون ڪي محسوس ڪيو تہ مون چيو: "اَلسَّلَامُ عَلَيك، اي غمن جا

www.dawateislami.net

رفيق ۽ ڏکن جا همر نشين!" ته ان جواب ڏنو: "وَعَلَيكَ السَّلَامُ اوهان کي ڪيئن ان شخص جو رستو ڏيکاريو جنهن کي خوفِ الٰهي مخلوق کان عليحده ڪري رکيو آهي ۽ جيڪو پنهنجي نفس جي محاسبي جي ڪري ڪلام ۾ فصاحت کان غافل آهي؟ ' ته مون چيو: "مون کي غور وفڪر جي رغبت ۽ پُراسرار اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جي باري ۾ ڄاڻڻ جي خواهش اوهان وٽ آندو آهي. "ته ان چيائين: "اي نوجوان! بيشڪ الله عَزَّ وَجَلَّ جا ڪجھ ٻانها اهڙا آهن جو جنهن جي دلين ۾ پنهنجي محبوبِ حقيقي سان انتهائي محبت اثرانداز ٿيندي آهي ته ان سان شديد محبت جي ڪري انهن جا روح عالمِ ملڪوت ۾ سير ڪندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي جمع شده خزانن کي ڏسندا آهن ته ذاتِ باري تعاليٰ انهن کي پنهنجي جمال جو مشاهدو ڪرائيندي آهي ۽ اهي ان کي اهڙي طرح ڏسندا آهن جو انهن جون دليون ان جي محبت ۾ آباد هونديون آهن ۽ انهن جا روح ان سان ملاقات جي لاءِ اُڏامندا رهندا آهن، هو دنيا ۽ آخرت جا بادشاه آهن."پوءِ ان شخص روئڻ شروع ڪيو ۽ دعا ڪئي: "يا الله عَزَّوَجَلَّ! انهن اولياءِ ڪرام جهڙن عملن جي مون کي ٻه توفيق ڏي ۽ مون کي ٻه انهن سان گڏ ملائي ڇڏ." پوءِ ان هڪ زور دار رڙ ڪئي ۽ زمين تي ڪري پيو ۽ ان جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهي خائفين جون صفتون ۽ عارفين جون نشانيون آهن.

رہے ذِکر آٹھوں پَہر میرے لب پر تِرا یاالٰہی ترا یاالٰہی
مری زندگی بس تری بندگی میں ہی اے کاش گزرے سدا یاالٰہی

نہ ہوں آشک برباد دنیا کے غم میں محمد کے غم میں رُلا یاالٰہی
مجھے اولیا کی محبّت عطا کر تُو دیوانہ کر غوث کا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 106)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان کي بہ پاڻ اندر اللّٰه تعاليٰ جي محبت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ دفعي پنهنجي نبي حضرت سيدنا داؤد عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي فرمايو: اي داؤد (عَلَيهِ السَّلَام) ! جيڪڏهن تون مون سان مَحَبَّت ڪرڻ چاهين ٿو تہ دُنيا جي مَحَبَّت کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ،ڇوتہ منهنجي ۽ دُنيا جي مَحَبَّت هڪ دل ۾ گڏ ٿي نٿيون سگهن، اي داؤد (عَلَيهِ السَّلَام) ! جيڪو مون سان مَحَبَّت ڪري ٿو هو رات جو منهنجي حُضُور تهجد ادا ڪندو آهي، جڏهن تہ ماڻهو ستل هوندا آهن، هو اڪيلائي ۾ مون کي ياد ڪندو آهي جڏهن غافل ماڻهو منهنجي ذِڪر کان غَفلت ۾ پيل هوندا آهن، هو منهنجي نعمت تي شڪر اَدا ڪندو آهي، جڏهن تہ وسارڻ وارا مون کان غَفلت اختيار ڪندا آهن. (حليةالاولياء ،عبدالعزيزبن ابي رواد،رقم ١١٩٠٦، ج ٨،ص ٢١١ ـالٰي قوله الاهلڪ،بحر الدموع ص٢١ )

## ڪتاب”اللّٰه والوں کی باتیں“جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبت جو چراغ پنهنجي دل ۾ روشن ڪرڻ ۽ اللّٰه وارن جي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت جو نرالو انداز ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”اللّٰه والوں کی باتیں“ بيحد

مفيد آهي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب جا هينئر تائين 5 جلد شائع ٿي چڪا آهن، هن ڪتاب ۾ ڪيئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله السَّلَام جي زندگي جا بهترين واقعا، ڪرامتون، انهن جا فرمان، شرعي احڪامن جي پاسداري ۽ محبتِ الٰهي جي نرالي انداز ۽ واقعن کي وڏيڪ جامع ۽ خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تمام اسلامي ڀائرن سان مدني التجا آهي ته نه صرف پاڻ هن ڪتاب جو مُطالعو ڪريو بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي به ان جي ترغيب ڏياريو، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو هاڻي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارن نيڪ ٻانهن جا ڪجهه وڏيڪ واقعا ٻڌون ٿا:

## گهٽي (دُنبي) جي کل

امير المؤمنين حضرتِ سيدُناعُمَر فارُوقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡن ،خَاتَمُ النَّبِيين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت مُصعب بن عُمَير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي هن حال ۾ ايندي ڏٺو جو انهن کي گهٽي جي کل چيلهه تي ويڙهيل هئي ته ارشاد فرمايائون: هن شخص ڏانهن ڏسو، جنهن جي دل کي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ روشن ڪري ڇڏيو آهي. بيشڪ مون ان کي سندن والدين وٽ ڏٺو ته اهي ان کي بهترين کاڌو کارائيندا ۽ عمده ترين مشروبات پيئاريندا هئا، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۾ ان جو هي حال ٿي ويو آهي جيڪو توهان ڏسي رهيا آهيو. (حلية الاولياء، مصعب بن عمير، ١/ ١٥٣، حديث:٣٤٣)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُحِبّ محبوب سان گڏ هوندو

مروي آهي تہ هڪ اَعرابي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! قيامت ڪڏهن ايندي؟ رسولِ اَڪرم، رحمت عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: تو ان جي لاءِ ڇا تياري ڪئي آهي؟ عرض ڪيائين: مون ان جي لاءِ تمام گهڻيون (نفلي) نمازون ۽ (نفلي) روزا تہ گڏ ناهن ڪيا البت مان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪيان ٿو.رَسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي ارشاد فرمايو: اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ يعني ماڻهو ان سان گڏ هوندو جنهن سان محبت ڪندو آهي. (ترمذي، ڪتاب الزهد، باب ما جاء ان المرء مع من احب، ۴/ ۱۷۲، حديث:۲۳۹۲) (هن حديث جا راوي )حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون اسلام آڻڻ کان بعد مسلمانن کي جيترو هن ڳالهہ تي خوش ٿيندي ڏٺو ايترو ڪنهن بي ڳالهہ تي خوش ٿيندي نہ ڏٺو. (المسند للامام احمد ، مسند انس بن مالك النضر، ۴/ ۳۹۸،حديث:۱۳۰۶٦)

## مُقرّب توهان ئي آهيو

روايت آهي تہ حضرتِ سيدُنا عيسٰي رُوحُ الله عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو ٽن (3) ماڻهن وٽان لنگهڻ ٿيو، جن جا بدن ڪمزور ۽ رنگ بدليل هئا. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام فرمايائون: توهان جي هن حال جو سبب ڇا آهي؟ انهن عرض ڪيو: دوزخ جي باهہ جو خوف. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ خوف رکندڙن کي جهنم کان امان نصيب ڪري. پوءِ اوهان جو لنگهڻ انهن جي علاوه ٻين 3 ماڻهن وٽان ٿيو، جيڪي انهن کان بہ وڌيڪ ڪمزور هئا ۽ انهن جو رنگ

انهن کان بہ وڌيڪ بدليل هو. پڇا ڪيائون: توهان جي هن حالت جو سبب ڇا آهي؟ انهن جواب ڏنو: جنت جو شوق. ارشاد فرمايائون: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ توهان کي اها عطا ڪري، جنهن جا توهان اميدوار آهيو. پوءِ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام 3 ٻين ماڻهن وٽان لنگهيا جيڪي اڳوڻن ٻنهي گروهن کان وڌيڪ ڪمزور ۽ بدليل رنگ وارا هئا ۽ انهن جا چهرا چٽ نُور جا آئينا هئا، حضرتِ سيدُنا عيسٰي عَلَيهِ السَّلَام انهن کي فرمايو: توهان جي هن حالت جو سبب ڇا آهي؟ انهن جواب ڏنو: اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪيون ٿا. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام 3 ڀيرا چيائون: توهان ئي مُقَرَّب آهيو. (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو وڌيڪ قُرب توهان کي بہ حاصل آهي)

قلب میں یاد تیری بسی ہو ذِکر لب پر تِرا ہر گھڑی ہو
مستی و بے خُودی اور فنا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص109)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارن جو محبت اِلٰهي ۾ ڇا حال هوندو هو جو اهي حضرات حقوقُ اللّٰه ۽ حقوقُ العباد جي ڪيتري قدر پابندي ڪندا هئا، نيڪيين ڏانهن لاڙو ۽ گُناهن کان ڪيتري نفرت ڪندا هئا، عبادتِ الٰهي جي ڪثرت انهن کي ڪمزور ۽ هيڻو ڪندي هئي ۽ انهن جي رنگت تبديل ڪندي هئي، اڄ اسان پنهنجي حالت تي غور ڪريون تہ نيڪيون آهن نہ ۽ گُناهن جو بازار ايتري قدر گرم آهي جو اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيظ. بد قسمتي سان ماڻهن جو وڏو تعداد بي عملي جو شڪار آهي، نہ حقوقُ العباد يعني ماڻهن جي حقوق جي ادائيگي جو خيال آهي ۽ نہ ئي حقوقُ

الله جي بي پناهه پائمالي جو ڪوئي احساس، نيڪيون ڪرڻ نفس جي لاءِ بي حد دُشوار ۽ گناهه ڪرڻ نهايت آسان تي چڪو آهي، مسجِدن جي وِيراني ۽ سينما گهرن ۽ ڊرامه گاهن جي رونق، دين جو دَرد رکڻ وارن ڪي تڙپائي ڇڏي ٿي. ٽي وي، ڊش اِنٽينا، انٽرنيٽ ،سوشل ميڊيا (Social Media) ۽ ڪيبل جو گُناهن ڀريو استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد بہ گهٽ ناهي، ضَرورتن جي پورائي ۽ سَهولتن ڪي حاصل ڪرڻ ۾ حد کان وڌيڪ ڪوشش مسلمانن جي وڏي تعداد ڪي آخرت جي فڪر کان بلڪل غافل ڪري ڇڏيو آهي. گار ڏيڻ، تهمت لڳائڻ، بدگماني ڪرڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ، ماڻهن جا عيب ڄاڻڻ جي جستجو ۾ رهڻ، ماڻهن جا عيب کولڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙا وعدا ڪرڻ، ڪنهن جو مال ناحق کائڻ، رت وهائڻ، ڪنهن ڪي بِلااجازت ِشَرعي تڪليف ڏيڻ، قرض ڦٻائڻ، ڪنهن جي شيء عارِيتاً (يعني وقتي طور تي اڌار ورتل شيء) وٺي واپَس نہ موٽائڻ، مسلمانن ڪي بُرن لقبن سان سڏڻ، ڪنهن جي شيء ان ڪي ناگوار گذرڻ باوُجُود بِلااجازت استعمال ڪرڻ، شراب پيئڻ، جُوا کيڏڻ، چوري ڪرڻ، بدڪاري ڪرڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، وياج ۽ رِشوت جو ڏي وٺ ڪرڻ، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ ۽ انهن ڪي ستائڻ، امانت ۾ خِيانت ڪرڻ، بدنگاهي ڪرڻ، عورَتن جو مَردن جي ۽ مردن جو عورتن جي مُشابَهت (يعني نقل) ڪرڻ، بي پردگي، غُرُور، تڪبر، حَسَد، رِياڪاري، پنهنجي دل ۾ ڪنهن مسلمان جو بُغض ۽ ڪينو رکڻ، شُماتَت (يعني ڪنهن مسلمان ڪي مرض، تڪليف يا نقصان پهچڻ تي خوش ٿيڻ)، ڪاوڙ اچڻ تي شريعت جون حدون اورانگهڻ، گناهن جو حرص، حُبّ جاهه، بخل، خود پسندي وغيره مُعاملا اسان جي مُعاشَري ۾ وڏي بي خوفي ؔسان ڪيا ويندا آهن. ۽ ان جي باوجود اسان هن خوش فهمي ۾ مبُتلا آهيون تہ اسان الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي پياري محبوب

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان سچي محبت ڪيون ٿا؟ ٿورو سوچيو! ڇا اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ۽ رسولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان سچي محبت ڪرڻ وارن جي گُفتار، انهن جو طرزِ زندگي ۽ انهن جو ڪردار اهڙو هوندو آهي؟؟؟

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اهڙن نادانن کي سمجهائيندي ۽ نصيحت جا مدني گل عطا فرمائيندي اِرشاد فرمائن ٿا:

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
جو کہ گانے سنیں، فلم بینی کریں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
بد نگاہی کریں، بد کلامی کریں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
کھائیں رزقِ حرام ، ایسے ہیں بد لگام اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
عَہد توڑا کریں ، جھوٹ بولا کریں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
جو ستاتے رہیں دل دُکھاتے رہیں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
چغلیوں تہمتوں ، میں جو مشغول ہوں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول
گالیاں جو بکیں عیب بھی نہ ڈھکیں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول

(وسائلِ بخشش مرمم، ص649)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اي ڪاش! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان سچي محبت ڪرڻ وارن جو صدقو اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي ۽ اي ڪاش! اسان بہ هنن مُبارڪ هستين جي نقشِ قدم تي هلڻ وارا بڻجي وڃون، مدني انعام تي عمل ڪندي تمام نمازون باجماعت

مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اُوليٰ سان ادا ڪريون. رمضان المبارڪ جي فرض روزن سان گڏوگڏ نفل روزا رکڻ وارا بڻجي وڃون. هميشه سچ ڳالهايون، حُسنِ اخلاق جا پيڪر تي وڃون، ماءُ پيءُ ۽ ٻين رشتيدارن جا حق ادا ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! گناهن جي ويجهو به نه وڃون اسان جي ڪا نماز قضا نه ٿئي. رمضان جو ڪوئي روزو ضائع نه ٿئي. زبان مان هرگز هرگز ڪوڙ غيبت چغلي ۽ گار گند نه نڪري، الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ مسلمانن جي حقيقي محبت ۽ همدردي اسان کي نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش! غيبت سان اسان کي نجات ملي وڃي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## محبتِ الٰهي جي لاءِ حضرت داؤد عَلَیهِ السَّلَام جي دُعا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّ وَجَلَّ جي حقيقي محبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ الله وارن جي نقشِ قدم تي به هلڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ محبتِ الٰهي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ دُعا به ڪرڻ گهرجي، حضرت سيدُنا داؤد عَلَیه السَّلَام انتهائي عبادت گذار ۽ محبتِ اِلٰهي سان سرشار هئڻ ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جا برگُزيده نبي هئڻ جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ سان ان جي محبت جو سوال ڪندا هئا. جيئن

حضرت سيدنا ابودرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ معظم آهي: حضرت داؤد عَلَیه السَّلَام هي دعا گهرندا هئا.

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ حُبَّكَ وَحُبَّ مَنۡ يحِبُّكَ وَالۡعَمَلِ الَّذِی يبَلِّغُنِی حُبَّكَ يعني يا الله عَزَّوَجَلَّ! مان تون کان تنهنجي، تنهنجي محبوب ٻانهن جي محبت جو ۽ انهن عملن جي

محبت جو سوال ڪيان ٿو جيڪي مونکي تنهنجي محبت تائين پهچائي

چڏين، اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ حُبَّكَ اَحَبَّ اِلَیَّ مِنْ نَفْسِی وَمَالِی وَاَهلِی وَمِنَ الْمَاءِ الْبَارِدِ يعني :اي الله عَزَّ وَجَلَّ ! پنهنجي محبت کي منهنجي لاءِ منهنجي جان ۽ مال، اهل وعيال ۽ ٿڌي پاڻي کان وڌيڪ محبوب بڻائي ڇڏ. (مشكاة المصابيح كتاب الدعوات باب جامع الدعا،١/ ٤٦٥ حديث:٢٤٩٦)

مرے دِل سے دنیا کی چاہت مِٹا کر ۔۔۔ کر اُلفت میں اپنی فنا یا اِلٰہی
عبادت میں گزرے مری زندگانی ۔۔۔ کرم ہو کرم یا خدا یا اِلٰہی!
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے ۔۔۔ مرے غوث کا واسطہ یا اِلٰہی!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا نبي حضرت سَيدُنا داؤد عَلَيهِ السَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ سان ان جي محبت جي دُعا گهرندا هئا، تنهنڪري اسان کي به کپي ته اسان به پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ سان انهن جي محبت جون دُعائون گهرون، يقين ڪريو ته محبتِ الٰهي اها عظيم نعمت آهي جو جنهن کي نصيب ٿي وڃي ان کي عبادت جي لذّت ۽ ايمان جي مناس نصيب ٿي وڃي.

## ايمان جي مٺاس

حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ خوشبودار آهي: ثَلَاثٌ مَنْ كُنَّ فِيه وَجَدَ بِهِنَّ حَلَاوَةَ الْاِيمَانِ يعني جنهن شخص ۾ 3 خصلتون هونديون هو انهن جي ذريعي ايمان جي مناس ماڻيندو، (1) اَنْ يكُوْنَ الله وَرَسُوْلُه اَحَبَّ اِلَيه مِمَّا سِوَاهمَا، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي سڀ کان وڌيڪ محبوب هجي. (2) وَاَنْ يحِبَّ

اَلْمَرْءَ لَا یُحِبُّه اِلَّا لِلّٰه،ڪنهن سان محبت ڪري تہ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪري.

(3) وَاَنْ یَکْرَہ اَنْ یَعُوْدَ فِی الْکُفْرِ کَمَا یَکْرَہ اَنْ یُوْقَدَ لَه نَارٌ فَیُقْذَفَ فِیْهَا ڪفر سان ايتري ئي نفرت هجي، جيتري پڙڪندڙ باھ ۾ وجهڻ کان نفرت هوندي آهي.

(شعب الايمان ،باب في محبة الله عزوجل، ٣٦٤/١،حديث: ٤٠٥)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ هڪ مسلمان جي دل ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ڪائنات جي هر شيءِ کان وڌيڪ هئڻ ۽ ڪنهن سان محبت يا نفرت جو بُنيادي سبب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضامندي هئڻ ڪيترين عظيم نعمتون آهن جو جنهن کي نصيب ٿين، ان کي ايمان جي حقيقي لذت نصيب ٿي ويندي آهي بلڪ حق تہ هي آهي تہ جيڪو خُوش نصيب مسلمان ڪنهن ذاتي مَفاد ۽ دُنياوي مقصد جي بدران صرف ۽ صرف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هڪ ٻئي سان ميل جول رکن ٿا ۽ جيڪي صرف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا، اُنهن کي ايمان جي مناس حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ اها سعادت بہ نصيب ٿيندي آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن سان خُوش ٿيندو، انهن سان محبت ڪندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهڙن کي تمام ئي عظيمُ الشان قدر ۽ منزلت عطا ٿيندي. اچو! هن باري ۾ هڪ روايت ٻڌون ٿا. جيئن

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو محبوب اهو بڻجندو---!

حضرتِ سيدُنا لاحِق بن حميد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه بيان ڪن ٿا تہ حضرتِ سيدُنا قيس

بن عُبّاد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص رضاءِ الٰهي جي لاءِ پنهنجي ڀاءُ سان ملاقات جي لاءِ ويو، واٽ ۾ هڪ اجنبي سان ملاقات ٿي.ان پڇيائين: ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ جواب ڏنائين: فلاڻي سان ملڻ جي لاءِ. پڇيائين: ڇا توهان جي پاڻ ۾ ڪا رشتيداري آهي جنهن ڪي تون نڀائڻ وڃي رهيو آهين؟ چيائين: نه. پڇيائين: ڇا ان جو توهان تي ڪو احسان آهي، جنهن ڪي لاهڻ وڃين پيو؟ چيائين: نه! مان صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ ان سان محبت ڪيان ٿو. ان چيائين: مون کي الله عَزَّ وَجَلَّ توهان ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن توهان کي ٻڌايان ته رضاءِ الٰهي جي لاءِ مسلمانن سان محبت ڪرڻ جي ڪري الله عَزَّ وَجَلَّ توهان سان محبت فرمائي ٿو. (اللہ والوں کی باتیں،ص۱٦٤/۳)

گو یہ بندہ نکمّا ہے بیکار — اس سے لے فضل سے ربِّ غفّار

کام وہ جس میں تیری رِضا ہے — یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش مرمم،ص138)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! — صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سَيدُنا عمرِ فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان مروي آهي ته رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون! بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهن مان ڪجهه اهڙا آهن جيڪي نه انبياء آهن نه شهداء، پر قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ انهن جو مقام ۽ مرتبو ڏسي انبياء عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۽ شهداء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجْمَعِين رشڪ ڪندا. ماڻهن عرض ڪيو ته يا رسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان کي ٻڌايو ته

اهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايائون تہ هي اهي ماڻهو هوندا جيڪي هڪ ٻئي سان الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت جي ڪري محبت ڪندا هوندا (حالانڪہ) انهن جي وچ ۾ نہ تہ رشتيداري هوندي ۽ نہ ئي مال جي ڏيتي ليتي جو ڪو معاملو، بخدا! انهن ماڻهن جا چهرا (قيامت جي ڏينهن) نور هوندا ۽ يقينن هي ماڻهو نور جي مٿي هوندا ۽ جڏهن سيئي ماڻهو خوف زده هوندا، ان وقت هي ماڻهو بي خوف هوندا ۽ جڏهن ماڻهو غمگين هوندا تہ هنن ماڻهن کي ڪو غم نہ هوندو.[1]

اهڙي طرح هڪ ٻي روايت ۾ ارشاد فرمايو: اهي مختلف شهرن ۽ قبيلن سان تعلق رکندا هوندا، انهن جي وچ ۾ ڪا رشتيداري نہ هوندي، اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ۽ دوستي رکندا هوندا. الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن نور جا منبر وڇائي انهن کي انهن تي ويهاريندو، انهن جا چهرا نور بار ۽ ڪپڙا نور جا هوندا، قيامت جي ڏينهن ماڻهو گهبراهٽ ۾ مبتلا هوندا پر اهي نہ گهبرائيندا.[2]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو تہ الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي رِضا جي لاءِ ڪنهن سان محبت ڪرڻ وارن کي ڪهڙو شان ۽ عظمت عطا ڪيو ويندو جو سياڻي بروزِ قيامت جڏهن نفسي نفسي جو عالَم هوندو، ماڻهو پريشان هوندا تہ اُن خوش نصيبن کي ڪو غم ۽ پريشاني نہ

---

1... مشكاةالمصابيح،كتاب الآداب،باب الحب فى الله...الخ،٢١٩/٢،حديث:٥٠١٢

2... مسنداامام احمد ، ٤٥٠/٨،حديث: ٢٢٩٦٩

www.dawateislami.net

هوندي ۽ انهن جو گهڻي خوبصورت انداز ۾ استقبال ڪيو ويندو ته الله عَزَّ وَجَلَّ أنهن جي لاءِ نور جا منبر لڳائيندو ۽ عزّت و وقار جي مَسند تي ويهاريندو. لهٰذا اسان کي به گهرجي ته اسان رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت دل ۾ پيدا ڪريون ۽ اُنهن جي رضا ئي کي پنهنجي دوستي ۽ دُشمني جو معيار بڻايون، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول هڪ بهترين ذريعو آهي ،دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ نه صرف الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت جا جام پيئاريا ويندا آهن بلڪ صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي دوستن ئي سان دوستي جو مدني ذهن ڏنو ويندو آهي، هن مدني ماحول جي برڪت سان رِضاءِ الٰهي جي لاءِ مسلمانن سان محبت ۽ همدردي جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ۽ پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ سڄي دُنيا جي مسلمانن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي تڙپ به پيدا ٿيندي آهي، تنهنڪري اوهان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت وڌيڪ وڌائڻ، پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون سُنتون ڦهلائڻ، پنهنجي پاڻ کي ۽ ٻين مسلمانن کي گُناهن کان بچائڻ ۽ نيڪين جي راهه تي آڻڻ جي لاءِ 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارا بڻجي وڃو.

## ”چوڪ درس“

12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“ به آهي. جنهن جو مقصد مسلمانن ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ آهي.رسولُ الله

www.dawateislami.net

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان جو نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ صدقو آهي ۽ توهان جو راهه مان گندگي هٽائڻ صدقو آهي ۽ توهان جو نماز جي لاءِ هلڻ ۾ هر قدم صدقو آهي. (الترغيب والتر هيب، ڪتاب الادب، باب في اماطة الاذي عن الطريق ،٣ /٤٦٦، رقم:٤٥٦١ )

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ خوش قسمت آهن اهي اسلامي ڀائر جيڪي فيضانِ سُنّت مان روزانو چوڪ درس ڏئي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا آهن، اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اهي صدقو ڏيڻ جو ثواب ماڻيندا. اچو! ترغيب طور چوڪ درس جي هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## وفات کان پهريان توبہ نصيب ٿي

باب المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ اسان جي علائقي جي جامع مسجد جي ٻاهران عشاء جي نماز کان پوءِ چوڪ درس ٿيندو هو، جنهن ۾ ڪافي اسلامي ڀائر شرڪت ڪندا هئا، هڪ ڏينهن مَعمُول مطابق عِشاء کان پوءِ چوڪ دَرس جي لاءِ مبلّغ اسلامي ڀاء آيو تہ آس پاس موجود ماڻهن کي درس ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، هڪ اسلامي ڀاء اڳتي وڌي قريب ئي رِڪشا اسٽينڊ تي موجود چوڪيدار راجو ڀائي کي بہ درس ۾ شِرڪت جي دعوت پيش ڪئي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ "راجو ڀائي " دَعوَت قبول ڪندي درسِ فيضانِ سُنَّت ۾ شريڪ ٿي ويو. درس کان پوءِ مُبلغِ دعوتِ اسلامي رِقّت انگيز دُعا کان پهريان درس ٻڌڻ وارن کي اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪرائي ۽ دُعا دوران حاضِرين جي مغفرت جي لاءِ بہ دُعا گهري ، جنهن تي سيني وڏي آواز سان آمين چيو. دُعا

جي آخر ۾ درس ٻڌڻ وارن وڏي آواز سان دُرُودِ پاڪ پڙهيو، راجو ڀائي دُرُودِ پاڪ پڙهندي آڱونا چُمي اکين سان لڳائي، وڏي آواز سان ڪلِمَہ طَيبَہ لَآاِلٰہ اِلَّا اللہ مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللہ پڙهيو ۽ بي اختيار زمين تي ڪِري پيو. هڪ اسلامي ڀاءُ اڳتي وڌي انهن کي ڪنيو تہ ان وقت هو پنهنجي خالقِ حقيقي سان وڃي ملي چڪا هئا. اللہ عَزَّوَجَلَّ جو شان! راجو ڀائي چوڪ درس جي برڪت سان موت کان پهريان توبہ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

ہے تمنّائے عطارؔ یاربّ! ان کے جلووں میں یوں موت آئے جھوم کر جب گرے میرا لاشہ تھام لیں بڑھ کے شاہِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ مسلمان کي پنهنجي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ سان جيتري محبت هئڻ گهرجي ايتري پوري مخلوق مان ڪنهن سان بہ نہ هئڻ گهرجي، انهيءَ ۾ ايمان جي علامت ۽ حلاوت آهي. يقينن اسان مان هر شخص هن ڳالهہ جو دعويدار تہ آهي تہ مون کي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ سان گهڻي محبت آهي، پر بدقسمتي سان اسان جا عمل ان جي برخلاف آهن، جڻ اسان جو ڪردار ئي اسان جي گُفتار جو سراسر انڪار ڪري رهيو هوندو آهي، اسان جي عملي حالت سان تہ ائين لڳندو آهي تہ اسان کي پنهنجي خالق عَزَّوَجَلَّ سان ايتري بہ محبت ناهي جيتري مخلوق سان آهي، ڪنهن عقلمند صحيح چيو آهي تہ **"ڪرڻ وارا ڪم ڪيو، نہ تہ نہ ڪرڻ وارن ڪمن ۾ پئجي ويندو"** بدقسمتي سان اڄڪلهہ اسان نہ ڪرڻ وارن ڪمن ۾ اهڙا مصروف ٿي ويا

آهيون جو ڪرڻ وارن ڪمن ڏانهن توجهه ئي نه رهيو، دُنيا جي فڪر ۾ اهڙا گم آهيون جو آخرت بابت فڪر ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو، مال جي محبت ۾ اهڙا گرفتار ٿياسين جو قيامت جي ڏينهن ٿيندڙ حساب کان بلڪل ئي غافل ٿي وياسين، مخلوق جي محبت ۾ اهڙا گُم ٿياسين جو خالق عَزَّ وَجَلَّ جي ياد ئي دل مان وساري ڇڏي، گُناهن جي محبت ۾ سبب توبهه ڪري ڇڏي ڏني ۽ عاليشان گھر تعمير ڪرڻ جي فڪر متي تي سوار ٿي ته دائمي گھر يعني قبر کي سنوارڻ ڏانهن ڌيان ئي نه رهيو، ٿورو سوچيو! اسان کي ڪهڙا ڪم ڪرڻا هئا ۽ اسان ڪن ڪمن ۾ پيا آهيون، غور ڪيو! ڪٿي هي اهو ئي دَور ته نه آهي جنهن جي خبر ڏيندي غيب ڄاڻڻ واري آقا، مکي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صديون پهريان ئي اسان کي خبردار ڪيو هو. جيئن

## پنجن سان محبّت ۽ پنجن کان غفلت

رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”سَيَأْتِيْ زَمَانٌ عَلٰى اُمَّتِيْ يُحِبُّوْنَ خَمْسًا وَ يَنْسَوْنَ خَمْسًا“ منهنجي امت تي اهو زمانو جلد ايندو جو اهي پنجن سان محبت رکندا ۽ پنجن کي وساري ڇڏيندا: ﴿1﴾ يُحِبُّوْنَ الدُّنيَا وَ يَنْسَوْنَ الْاٰخِرَةَ. دنيا سان محبت رکندا، آخرت کي وساري ڇڏيندا. ﴿2﴾ وَيُحِبُّوْنَ المَالَ وَ يَنْسَوْنَ الْحِسَابَ. مال سان محبت رکندا ۽ (آخرت جي) حساب کي وساري ڇڏيندا. ﴿3﴾ ويُحِبُّوْنَ الْخَلْقَ وَيَنْسَوْنَ الْخَالِقَ. مخلوق سان محبت رکندا خالق کي وساري ڇڏيندا. ﴿4﴾ وَيُحِبّوْنَ الذُّنُوْبَ وَ يَنْسَوْنَ التَّوْبَةَ. گناهن سان محبت رکندا ۽ توبهه کي وساري ڇڏيندا. ﴿5﴾ وَ يُحِبُّوْنَ الْقُصُوْرَ وَيَنْسَوْنَ الْمَقْبَرَةَ محلات سان محبت رکندا ۽ قبرستان کي وساري

چڏيندا. (مُكاشَفةُ الْقُلوب،الباب العاشر في العشق، ص٣٤)

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ وبُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
اجل نے نہ کسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا اسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا
ہر اک لیکے کیا کیا نہ حسرت سدھارا پڑا رہ گیا سب یونہی ٹھاٹھ سارا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
یہی تجھ کو دُھن ہے رہوں سب سے بالا ہو زینت نرالی ہو فیشن نرالا
جیا کرتا ہے کیا یونہی مرنے والا تجھے حُسنِ ظاہر نے دھوکے میں ڈالا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی
بس اب اپنے اِس جَہل سے تُو نکل بھی یہ جینے کاانداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
جب اس بزم سے اٹھ گئے دوست اکثر اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر
یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر یہاں پر تِرا دل بہلتا ہے کیوں کر
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## محبتِ الٰهي جون 8 نشانيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! دل ۾ محبتِ الٰهي وڌائڻ جي لاءِ قرآن وحديث ۽ اقوالِ بزرگانِ دين جي روشني ۾ "**محبتِ خداوندي**" جون 8 **نشانيون** ٻڌون ٿا:

(1) قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ ۽ ان جو ترجمو ۽ تفسير پڙهڻ، سمجهڻ محبتِ الٰهي جي نشاني آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها جڏهن ان جو ڪلام ٻڌندا آهن ۽ ان ۾ غور وفڪر ڪندا آهن تہ انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا آهن. جيئن فرمانِ باري تعاليٰ آهي.

وَ اِذَا سَمِعُوْا مَاۤ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰۤى اَعْیُنَهُمْ تَفِیْضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّۚ (پ:۷،المائدة:۸۳)

**ترجمو ڪنزالعرفان**: ۽ جڏهن ٻُڌندا آهِن اُهو جيڪو رسُول جي طرف لاٿو ويو تہ سندن اکيُون ڏسندين ڳوڙها وهائي رهيُون آهِن اُن ڪري جو اُهي حق کي سڃاڻي ويا.

مڪاشفةُ القلوب ۾ آهي: محبت جو صِدُق ٽن شين سان ظاهر ٿيندو آهي.

1. محب، محبوب جي ڳالهين کي سيني کان بهتر سمجهندو آهي.(۲) ان جي لاءِ محبوب جي مجلس سڀ کان بهتر مجلس هوندي آهي.(۳) ان جي نزديڪ محبوب جي رضا سڀ کان عزيز هوندي آهي. (مڪاشفة القلوب، الباب العاشر في العشق ،ص۳۳)

حضرت سيدنا سهل تُستري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت جي نشاني هي آهي تہ هو شخص قرآنِ پاڪ سان محبت ڪري. محبتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ محبتِ رسول جي نشاني قرآنِ ڪريم سان محبت ۽ حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

سُنت سان لڳاؤ رکڻ آهي. (مکاشفة القلوب،الباب الحادي عشر في طاعة اللّٰه ومحبة رسوله ص٣٧)

2. فرضن جي ادائيگي سان گڏوگڏ **نوافل جو اهتمام** بہ ڪري ۽ هي تہ اهو ڪم آهي جيڪو محبت ڪرڻ واري کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ۽ پسنديده بانهو بڻائيندو آهي.

## قُربِ الٰهي جو ذريعو

حضرت سيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ نبين جي سَروَر، بِنهي جهانن جي تاجوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: جنهن ڪنهن ولي کي اذيت ڏني مان ان سان اعلانِ جنگ ڪيان ٿو ۽ بانهو منهنجو قُرب سڀ کان وڌيڪ فرضن جي ذريعي حاصل ڪندو آهي ۽ نفلن جي ذريعي مسلسل قرب حاصل ڪندو رهي ٿو ايستائين جو مان ان سان محبت ڪرڻ لڳان ٿو. (بخاري، ڪتاب الرقاق، باب التواضع، ۴/۲۴۸،حديث:۶۵۰۲)

میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي **ذِڪر ۾ مشغول رهڻ** محبت اِلٰهي جي نشاني بہ آهي ۽ محبتِ الٰهي حاصل ٿيڻ جو ذريعو بہ. فرمانِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۱﴾ وَّ سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۴۲﴾ (پ:۲۲، الاحزاب:۴۱،۴۲)

**تَرجموڪنزالعرفان**: اي ايمان وارؤ اللّٰه کي گهڻو ياد ڪريو ۽ صبح شام سندس پاڪائي بيان ڪيو

رحمت عالم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ معظم آهي. مَنْ اَحَبَّ شَيأً اَكْثَرَ ذِكْرَهٗ جيڪو شخص جنهن سان محبت ڪندو آهي اڪثر انهيء جو ذڪر ڪندو آهي. (ڪنزالعمال، ۲۱۷/۱،حديث۱۸۲۵، الجزء الاول)

حضرت ابوالحسن زنجاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: عبادت جو بنياد 3 شين اڪ، دل ۽ زبان تي آهي. اڪ عبرت جي لاءِ دل غور و فڪر جي لاءِ ۽ زبان سچائي جو مرڪز ۽ ذِڪر و تسبيح جي لاءِ هجي. (مكاشفة القلوب،الباب الحادي عشر في طاعة الله ومحبةرسوله، ص ٣٧)

حضرت سِري سقطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هڪ ڀيري حضرت شيخ جُرجاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه وٽ پيسيل سَتُّو ڏٺا تہ انهن کي چيائون تہ سَتُّو جي علاوه ٻيو ڪجھ ڇو نٿا کائو؟ انهن جواب ڏنو: مون ڪاڌو ڪائڻ ۽ سَتُّو پيئڻ ۾ ستّر(70) تسبيحن جو فرق ڏٺو آهي (يعني جيترو وقت ڪاڌو ڪائڻ ۾ لڳي ٿو ايتري دير ۾ 70تسبيحات ڪندو آهيان). ان ڪري چاليھ (40) سالن کان صرف سَتُّو کائي رهيو آهيان تہ جيئن تسبيحات جو وقت ضائع نہ ٿئي- (مكاشفة القلوب،الباب الحادي عشر في طاعة الله ومحبةرسوله، ص ٣٧)

مرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر　　کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(4)خواهشاتِ نفس جي باوجود الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا تي پنهنجي پسند ڪي قربان ڪرڻ.

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله تعاليٰ جي بندگي 3 شين جو نالو نام آهي.اَحڪامِ شريعت جي پابندي ڪرڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مقرر ڪيل قضا و قدر ۽ تقسيم تي راضي رهڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ پنهنجي نفس جي خواهشن کي قربان ڪرڻ. (بیٹے کو نصیحت، ص ۳۷)

حضرت سيدنا سِري سقطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائيندا هئا ته چاليهن (40) سالن کان منهنجي نفس کي ماکي کائڻ جي خواهش آهي، پر اڄ تائين مون ان جي خواهش پوري ناهي ڪئي. (تذکرة الاولیا، ص ١٦٣)

حرصِ دنیا نکال دے دل سے　　　　بس رہوں طالبِ رضا یاربّ

(5)پنهنجي دل دُنيا جي محبت سان خالي ڪري ڪلّي طور تي الله عَزَّ وَجَلَّ جي حضور جهڪائي رکڻ.

منقول آهي ته الله عَزَّ وَجَلَّ حضرتِ سيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي نازل فرمائي ته اي عيسيٰ! مان ڏسان ٿو ته جڏهن ڪنهن بانهي جي دل دنيا ۽ آخرت جي محبت کان پاڪ وصاف ٿي وڃي ته ان کي پنهنجي محبت سان پري ڇڏيندو آهيان.

(6) اهڙن سيني ڪمن کان پري رهڻ جيڪي الله عَزَّ وَجَلَّ جو قُرب حاصل ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندا هجن.

حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّ وَجَلَّ سان محبت ڪرڻ واري جي علامت اها به آهي ته هر ان شيء کي ڇڏي ڏئي جيڪا الله عَزَّ وَجَلَّ جي

ياد کان غافل ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي رضا وارن ڪمن ۾ مصروف رکي. (الزھدالکبیر, ص ۷۸)

(7) الله عَزَّ وَجَلَّ سان سچي محبت ڪرڻ وارن نيڪ ماڻهن جي نقشِ قدم تي هلڻ ۽ انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ .

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: هميشہ اهڙي صُحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان عبادت جو شوق ۽ سنّت تي عمل ڪرڻ جو ذوق وڌي. هَمَنشين اهڙو هجي، جنهن کي ڏسي الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي، ان جي ڳالهين سان نيڪين ڏانهن رغبت وڌي، دنيا جي مَحَبَّت ۾ ڪمي ۽ آخِرت جي اُلفت ۾ زِيادتي ٿئي. دوست اهڙو هجي جو ان جي سبب الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَحَبَّت ۾ اضافو ٿئي . غير سنجيده حرڪتون ڪرڻ وارن، فيشن پرستن ۽ بي نَمازين جي صحبت کان بچڻ گهرجي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! محبتِ الٰهي وڌائڻ، رِضاءِ الٰهي ماڻڻ، دل ۾ خوفِ خدا عَزَّ وَجَلَّ جاڳائڻ، ايمان جي حِفاظت جي تڙپ وڌائڻ، پاڻ کي عذابِ قبرو جهنَّم کان بچائڻ، گناهن جي عادت مِٽائڻ، پنهنجي پاڻ کي سنّتن جو پابند بنائڻ، دل ۾ عشقِ رسول جي شَمع جَلائڻ ۽ جنّت الفردوس ۾ مکي مَدَني مصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو قرب ماڻڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ سنو ماحول ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت حددرجہ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ اڄ مُعاشري جا ناقابلِ بيان حالات

۾ گناهن جو زور دار سيلاب جنهن کي ڏسو ڪٽي پيو وڃي، اهڙي ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي مسجد پريو تحريڪ، دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول ڪنهن نعمتِ عُظمٰي کان گهٽ ناهي، ان سان هر دم وابَستہ رهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مدني مُذاڪره

الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل وڪَرَم سان دعوتِ اسلامي روز بروز تَرَقّي جون منزلون طئي ڪندي پئي وڃي ۽ ان جا شُعبَه جات ۽ مجلسن ۾ بہ اضافو ٿيندو پيو وڃي، دعوت اسلامي جي شعبن مان هڪ شعبو "مَجلِسِ مدني مذاڪرو" بہ آهي.

چيو ويندو آهي تہ "علم بي شمار خزانن جو مجموعو آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سوال آهي.''شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي انهي قول کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني مقصد جي تڪميل جي لاءِ سوال جواب جو هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن کي تنظيمي اِصطِلاح ۾ مدني مذاڪرو" چيو ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت،اَميرِ اَهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه پنهنجي مخصوص انداز سان سنتن پرين بيانن ۽ علم و حڪمت سان پرپور مدني مذاڪرن جي ذريعي ٿوري عرصي ۾ بي شمار مسلمانن جي دلين ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو آهي، اوهان جي صحبت بابرڪت سان فائدو حاصل

ڪندي ڪافي اسلامي ڀائر وقت بوقت مختلف جاين تي ٿيندڙ مدني مذاڪرن ۾عقائد ۽ اَعمال، فضائِل ۽ مَنَاقِب، شريعت و طريقت، تاريخ ۽سيرت، سائنس ۽طِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ ٻين ڪافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال ڪندا آهن ۽ شيخ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه انهن کي حڪمت ڀريا ۽ عشقِ رسول سان لبريز جوابن سان نوازيندا آهن.

شيخ طريقت،اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي انهن عطا ڪيل دلچسپ ۽ علم و حڪمت ڀرين عظيم ارشادن جي مدني گلن جي خوشبوئن سان سڄي دنيا جي مسلمانن کي مهڪائڻ جي مقدس جذبي جي تحت مجلس مدني مذاڪره انهن مدني مذاڪرن کي تحرير يا آڊيو يا وڊيو گلدستن ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مجلس مدني مذاڪره اٽڪل 319 آڊيو (Audio )ڪيسٽ وڊيو سي ڊيز(CDS) ۽ 5 تحريري مدني مذاڪرا پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ ڪوشش جاري آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن

مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي رسالي **101 مدني گل** مان ڪجھ هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان بہ (2) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو:* جڏھن بہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن. (معجم اوسط،۵/۳۸۰، رقم: ۷۶۷۲) * جڏھن بہ دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناھ بخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان،٦/ ٤٧١ ، حديث: ٨٩٤٤) * ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي * موڪلائڻ وَقت بہ سلام ڪريو ۽ هٿ بہ ملائي سگهو ٿا.* هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: "يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ" (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ) * بہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون

گھرندا اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ قبول ٿيندیون. هٿ جدا ٿيڻ کان پھريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. (مسند امام احمد، ۴/ ۲۸۶ حديث: ۱۲۴۵۴) ❋ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي. ❋ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگھو ٿا .❋ ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي ❋ ڪي ماڻهو صرف پاڻ ۾ آڱريون ملائيندا آهن، اهو بہ سنّت نہ آهي❋ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مکروهہ آهي. هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجي تري چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي اها عادت ڇڏي ڏين. (بهارِ شريعت، حصّہ ۱۶،۳/ ۴۱۷ مُلَخَّصاً) ❋ جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت ٿئي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي. (دُرِّمُختار،۲/ ۹۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو　　پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لیے　　ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِي ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net